# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2000

# سنڌ لينڊ روينيو (منسوخي) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LAND REVENUE (ABOLITION) ORDINANCE, 2000

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. لينڊ روينيو اوڳاڙڻ تي پابندي

Bar on charge of the land revenue

4. لينڊ روينيو جي اوڳاڙي ۽ وصوليءَ لاءِ عرصو

Charge and period for collection of the land revenue

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2000

# سنڌ لينڊ رونيو (منسوخي) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LAND REVENUE (ABOLITION) ORDINANCE, 2000

[17 مئي 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لينڊ رونيو کي ختم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لينڊ رونيو کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ رونيو (منسوخي)

آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

شروعات

Short title and commencement

2. (i) "ايڪٽ" مطلب سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967.

(ii) "لينڊ روينيو" مطلب لينڊ روينيو جيئن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

وصفون

Definitions

3. جيستائين ڪجھ ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، ڪا بہ لينڊ روينيو خريف 2000_1999 کان نہ اوڳاڙي ويندي.

لينڊ روينيو اوڳاڙڻ تي پابندي

Bar on charge of the land revenue

4. هن آرڊيننس ۾ شامل ڪجھ خلاف نہ آهي تہ بہ خريف 2000_1999 کان اڳ ڪنهن شخص ڏانهن واجب الادا جي ذميداري يا خريف، 1999 کان اڳ واري عرصي لاءِ لينڊ روينيو لڳائڻ، اوڳاڙڻ ۽ جمع ڪرڻ هن ايڪٽ تحت لڳايو، اوڳاڙيو ۽ جمع ڪيو ويندو.

لينڊ روينيو جي اوڳاڙي ۽ اوڳاڙي لاءِ عرصو

Charge and period for collection of the land revenue

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**